سنڌي

# صفر ۾ نحوست ناهي

پيشڪش: مجلس المدينة العلميه (دعوت اسلامي)

ترجمو: ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي)

اَلْحَمْدُ لِلّٰہِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَ الصَّلٰوۃُ وَ السَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الْمُرْسَلِیْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰہِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ ط بِسْمِ اللّٰہِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ ط

## ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي ڇڏيو اِنْ شَآءَاللہ جيڪو ڪجهه پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

اَللّٰهُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَاالْجَلَالِ وَالْاِكْرَام

**ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!**

(مستطرف ج 1 ص40 دار الفکربيروت)



طالب غم مدينہ بقيع و مغفرت

**(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)**

رسالي جو نالو: صفر ۾ نحوست ناهي

ڇاپو پهريون: محرم الحرام 1442هہ، سيپٽمبر 2020ع

تعداد:

ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينہ عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ بابُ المدينہ ڪراچي

مدني التجا: ڪنهن کي بہ هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي

**ڪتاب خريد ڪندڙ توجهه فرمائن**

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڳتي پوئتي ٿي ويا هجن تہ مڪتبة المدينہ سان رابطو فرمايو.

شيخ طريقت، اميرِ اهلسنّت، بانيءِ دعوت اسلامي، حضرت علامہ

دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه

**مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي**

جو اُردو زبان ۾ رسالو

# صفر ۾ نحوست ناهي

## ترجمو پيشڪش

ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.


**رابطي جي لاءِ:**

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ محلہ سوداگران پراڻي سبزي منڊي باب المدينہ ڪراچي**

**UAN:** ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

**Email:** translation@dawateislami.net

# فهرست

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَالصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الْمُرْسَلِیْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ

# صفرم نحوست ناهي

## دعاءِ عطار

يا الله! جيڪو:17 صفحن جو رسالو ”صفر ۾ نحوست ناهي“ پڙهي يا ٻڌي وني ان کي دنيا و آخرت ۾ آفتن ۽ مصيبتن کان محفوظ فرماءِ ۽ ان جي بي حساب مغفرت فرماءِ.

اٰمِیْن بِجَاہِ النَّبِیِّ الْاَمِیْن صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## درود شريف جي فضيلت

الله ڪريم جي آخري نبي صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: ’اَوْلَی النَّاسِ بِیْ یَوْمَ الْقِیَامَۃِ اَکْثَرُھُمْ عَلَیَّ صَلَاۃً‘ يعني بروزِ قيامت ماڻهن مان سڀ کان وڌيڪ منهنجي قريب تر اهو شخص هوندو جيڪو مون تي سڀ کان وڌيڪ درود شريف پڙهندو هوندو. (ترمذی،جلد2 ص27حدیث:دارالفکر بیروت 484)

نبی کے عاشقوں کی عید ہوگی محشر میں کوئی قدموں میں ہو گا کوئی سینے سے لگا ہوگا
ترے دامانِ رحمت کی کھلے گی حشر میں وسعت وہ آآ کر چھپے گا جو گنہگار اور برا ہوگا

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## ”صفر“ چوڻ جو سبب

اسلامي سال جو ٻيو مهينو صفرالمظفر آهي. لفظ ”صفر“ ٽن حرفن جو مجموعو آهي. عربي زبان چوته تمام وسيع آهي تنهنڪري هڪ

لفظ جون ڪيئي معنائون نڪرن ٿيون، اهلِ لغت صفر جون ڪيئي معنائون بيان ڪيون آهن جن مان هڪ معنيٰ خالي ٿيڻ بہ آهي. اچو انهيءَ مناسبت سان ماهِ صفر کي”صفر“ چوڻ جا ڪجھ سبب ملاحظ ڪيو:

(1) اهلِ عرب جو معمول هيو تہ اهي صفر المظفر شروع ٿيندي ئي لڙائي جهيڳڙي ۽ سفر جي لاءِ پنهنجي گهرن مان نڪري ويندا ها جنهن جي ڪري انهن جا گهر خالي پيل هوندا هئا. انهيءَ ڪري چيو ويجي ٿو: صَفَرَالْمَكَان (يعني مڪان خالي ٿي ويا). (تفسيرِ ابن ڪثير، التوبه، تحت الآيت: 36 ج4 ص 129،دارالڪتب العلميه بيروت)

(2) صفر چوڻ جو هڪ سبب اهو بہ بيان ڪيو ويجي ٿو تہ هن مهيني ۾ اهلِ عرب قبيلن جي خلاف چڙهائي ڪندا هئا ۽ انهن کي بي سروسامان ڪري ڇڏيندا هئا. (لسان العرب ج1 ص2204، مؤسسة الاعلمي بيروت)

(3) هن مهيني ۾ اهلِ عرب ”صفريہ“ نالي شهر ۾ وڃي کائڻ پيئڻ جون شيون گڏ ڪندا هئا جنهن سبب انهن جا گهر خالي ٿي ويندا هئا. (عمدة القاري ج7 ص110تحت الحديث:1564، دارالفڪر بيروت)

## ماهِ صفر جا ٻيا نالا

اهلِ عرب ماهِ صفرالمظفر کي ناجِر ۽ صَفرُالثاني بہ چوندا هئا. علامہ جلالُ الدّين سيوطي شافعي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه(وفات: 911 ھ) فرمائن ٿا: زمانہءِ جاهليت ۾ مُحرَّم جو ڪو خاص مشهور نالو نہ هيو بلڪ هن کي ۽ صفر ٻنهي کي ”صفرين“ چيو ويندو هو. اهلِ عرب ربيعُ الاوّل، ربيعُ الثاني ۽ جمادي الاوليٰ، جمادي الأخريٰ جيان انهن ٻنهي مهينن کي بہ صفر الاوّل ۽ صفرالثاني چوندا هئا. (المزهر في علوم اللغة ج1 ص300، دارالڪتب العلميه بيروت)

ماهِ صفر چوٿو بابرڪت مهينو آهي انهيءَ ڪري ان کي صفرالمظفّر (ڪاميابي) ۽ صفرُ الْخير (ڀلائي وارو) مهينو به چيو ويندو آهي.

## جاهليت واري دور ۾ هن مهيني سان سلوڪ

اهلِ عرب جو معمول هو ته اهي زمانهٔ جاهليت ۾ حرمت وارن مهينن کي مقدس ۽ محترم ڄاڻڻ باوجود لڙائي جهڳڙي کان پاسو نه ڪندا هئا ۽ حيلو بهانو ڪندي هڪ مهيني جي حرمت ختم ڪري ٻي مهيني کي محترم قرار ڏيندا هئا، محرّم جي حرمت صفر ڏانهن هٽائي محرّم ۾ جنگ جاري رکندا ۽ محرم جي بدران صفر کي ماهِ حرام ٻڌائيندا هئا ۽ جڏهن ان کان به تحريم ختم ڪرڻ جي ضرورت پيش ايندي هئي ته ان ۾ جنگ حلال ڪري وٺندا هئا ۽ ربيع الاول کي ماهِ حرام قرار ڏيندا هئا. اهڙي طرح اها تحريم سال جي تمام مهينن ۾ ڦرندي هئي. ۽ انهن جي هن طرزِ عمل سان حرمت واري مهينن جي تخصيص ئي باقي نه رهي. سرڪارِ دوعالم صَلَّی اللہُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم حَجّةُ الْوداع ۾ اعلان فرمايو ته نَسِيءَ جا مهينا گذري ويا، هاڻي مهينن جي وقتن جي حڪمِ خداوندي جي مطابق حفاظت ڪئي وڃي ۽ ڪو مهينو پنهنجي جڳهه کان نه هٽايو وڃي. (تفسيرِ خازن، التوبه، جلد2 ص238_237)

## صَفَرُالمُظَفّر ڪيئن گذاريون؟

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! صفر به سال جي ٻين مهينن جيان هڪ بابرڪت مهينو آهي، تنهنڪري هن مهيني کي به ٻين مهينن وانگر بابرڪت سمجهڻ گهرجي، هن مهيني ۾ به گناهن کان بچندي خوب خوب نيڪ عمل ڪرڻ گهرجن، نفل روزن جو اهتمام (Arrangement) ڪرڻ گهرجي، نفل ۽ ذڪر ۽ درود جي ڪثرت ڪرڻ گهرجي ۽

صَفَرُالْمُظَفَّر بابت اسان جي بزرگ سڳورن رَحمَۃُ اللہِ عَلَیہِم کان جيڪي اَوراد ۽ وَظائف منقول آهن، انهن تي عمل ڪرڻ گهرجي. اِنْ شَآءَ الله ان جي برڪت سان ڪوڙ ڀلائيون نصيب ٿينديون. جيئن ته

## (۱) پهرين رات جا نفل

صفر جي مهيني جي پهرين رات ۾ نمازِ عشاء کان پوءِ هر مسلمان کي گهرجي ته چار (4) رڪعت نماز پڙهي. پهرين رڪعت ۾ سوره فاتحه کان پوءِ سوره ڪافرون (قُلْ يٰاَيُّهَا الْكٰفِرُوْنَ) پندرهن (15) ڀيرا پڙهي، ٻي رڪعت ۾ سوره فاتحه کان پوءِ سوره اخلاص (قُلْ هُوَ اللهُ اَحَدٌ) يارهن (11) ڀيرا پڙهي، ٽئين رڪعت ۾ سورهٔ فاتحه کان پوءِ سوره فلق (قُلْ اَعُوْذُ بِرَبِّ الْفَلَقِ) پندرهن (15) ڀيرا پڙهي ۽ چوٿين رڪعت ۾ سورة الناس (قُلْ اَعُوْذُ بِرَبِّ النَّاسِ) پندرهن (15) ڀيرا پڙهي، سلام ڦيرڻ کان پوءِ ڪجھ ڀيرا اِيَّاكَ نَعْبُدُ وَ اِيَّاكَ نَسْتَعِيْنُ پڙهي. پوءِ ستّر (70) ڀيرا درود شريف پڙهي ته الله پاڪ ان کي وڏو ثواب عطا فرمائيندو ۽ ان کي هربَلا کان محفوظ رکندو. (راحت القلوب فارسي، ص۶۱)

## (2)رزق ۾ برَڪت

جيڪو صفر جي مهيني جي آخري اربع جو سوره اَلَمْ نَشْرَحْ، سوره وَالتِّيْن، سوره نصر (اِذَاجَآءَ نَصْرُ اللهِ وَالْفَتْحُ) ۽ سوره اخلاص(قُلْ هُوَاللهُ اَحَدٌ) اَسّي اَسّي ڀيرا پڙهي ته هن مهيني جي ختم ٿيڻ کان پهريان اِنْ شَآءَ الله هو غني ٿي ويندو. (لطائفِ اشرفي، ۲/ ۲۳۱مڪتبه سمناني ڪراچي)

جواهرِ خمسه ۾ آهي: ان جي عمر ۾ اضافو ڪيو ويندو. (جواهرخمسه، ص۲۰)

## (4) حاجي سان مَغفِرت جي دعا ڪرايو

اميرُالمؤمنين حضرت عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ فرمايو: حج ڪرڻ وارو مغفرت يافته آهي ۽ حاجي ذُوالحِجةالحَرام، محرّمُ الحرام، صَفَرُالمُظَفَّر ۽ ربيعُ الاوّل جي 20 ڏينهن ۾ جنهن جي لاءِ استغفار ڪندو ان جي به مغفرت ٿي ويندي آهي. ( احياء العلوم، ڪتاب اسرار الحج، الباب الاول ـــ الخ، الفصل جلد 3 ص 223، المڪتب الاسلاميه بيروت)

## ايام بيض جي روزن جون فضيلتون

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اسان کي هن مبارڪ مهيني ۾ نفلي عبادت ۽ تلاوتِ قرآن جي ڪثرت سان گڏوگڏ همت ڪري ٿي نفلي روزا رکڻ جو به اهتمام ڪرڻ گهرجي ڇوته روزي رکڻ جا بي شمار دِيني ۽ دُنياوي فائدا آهن. لهٰذا تمام مهينن وانگر صفر ۾ به ايامِ بِيض (يعني مهيني جي 13،14،15 تاريخن جا روزا رکڻ جي ڪوشش ڪريو ڇوته سفر هجي يا حَضر(يعني حالتِ اقامت) هميشه نبي ڪريم، رَؤفٌ رَّحيم صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم هر مهيني انهن ٽن ڏينهن جا روزا نه صرف پاڻ رکندا هئا بلڪ صحابَهِ ڪرام رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہم کي به ان جي ترغيب اِرشاد فرمائيندا رهيا. اچو! هر مهيني ٽي ڏينهن جا روزا رکڻ جي فضيلت تي ٽي حديث سڳوريون ٻڌو ۽ عمل جو جذبو بيدار ڪريو، جيئن

(1) حضرت عثمان بن ابوالعاص رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ فرمائن ٿا: مون نبي ڪريم صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم کي فرمائيندي ٻُڌو، ”جهڙي طرح توهان مان ڪنهن وٽ جنگ ۾ بچاءَ جي لاءِ ڍال هوندي آهي اهڙيءَ طرح روزو جهنّم کان توهان جي ڍال آهي ۽ هر مهيني ٽي ڏينهن روزا رکڻ بهترين روزا آهن. (ابن خزيمه، جماع ابواب صوم التطوع، باب ذڪر الدليل علي ان الامر بصوم الثلاث۔۔ج3 ص301، حديث:2125)

(2) حضرت سيدنا جَرير رَضِیَ اللہُ عَنۡہ کان روايت آهي: نبيءِ پاڪ صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هر مهيني ۾ ٽي ڏينهن يعني تيرهين چوڏهين ۽ پندرهين تاريخ جا روزا سڄي زندگي جي روزن جي برابر آهن.(نسائي ص396 حديث:2417، دارالکتب العلميه)

(3) نبي پاڪ صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: رمضان جا روزا ۽ هر مهيني ۾ ٽي ڏينهن جا روزا سيني جي خرابيءَ کي پري ڪندا آهن. (مسندامام احمد، ۹/۳۶، حديث:۲۳۱۳۲)

## صفر المظفر جي متعلق بي بنياد ڳالهيون

صفر المظفر جهڙي بابرڪت مهيني بابت ڪيتريون ئي بي بنياد ڳالهيون مشهور آهن. زمانهٔ جاهليت ۾ اهلِ عرب صرف پنهنجي باطل خيالات جي ڪري ان کي منحوس سمجهندا هئا جيئن علامه بدرالدين عيني رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡہ (وفات:855ھ) فرمائن ٿا: جاهليّت واري دؤر ۾ (يعني اسلام کان پهريان) صفر المظفر جي باري ۾ ماڻهو اهڙي قسم جا وهمي خيال رکندا هئا ته هن مهيني ۾ مصيبتون ۽ آفتون گهڻيون هونديون آهن، اهڙي طرح اهي ماڻهو صفر جي مهيني اچڻ کي منحوس سمجهندا هئا. (عمدة القاري،۷/۱۱۰مفهوماً) نبي ڪريم، رؤف رحيم صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم صفرُالمظفر جي باري ۾ انهن جي وهمي خيالن کي باطل قرار ڏيندي فرمايو: ”لَاصَفَرَ“ يعني صفر ڪجهه ناهي. (بخاري ج4 ص24، حديث:5707،دارالکتب العلميه بيروت)

مُحَقِق علي الاِطلاق حضرت علامه مولانا شاه عبدالحق محدث دهلوي رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡہ (وفات:1052) هن حديث جي شرح ۾ لکن ٿا: عوام صفر واري مهيني کي مصيبتن، حادثن ۽ آفتن جي نازل ٿيڻ جو

مهينو سمجهندا آهن، اهو عقيدو باطل آهي ان جي ڪابہ حقيقت ناهي. (اشعة اللمعات ج3ص 664، ڪوئٽه)

## صفرالمظفر جو مهينو ۽ اسان جو معاشرو

هن ترقي يافتہ دور ۾ بہ ماهِ صفرالمظفر ۾ نحوست جي متعلق ماڻهن جا غلط نظريا ختم ناهن ٿيا بلڪ جيئن هن بابرڪت مهيني جي آمد ٿيندي آهي تہ نُحوست جي وهمي خيالن جي شڪار ڪجھ نادانن طرفان هن پاڪيزه مهيني جي متعلق طرح طرح جي غلط فهمين تي مشتمل پيغامات ڦهلايا ويندا آهن ۽ هن مهيني کي منحوس تصور ڪيو ويندو آهي تہ هن مهيني ۾ نئون ڪاروبار شروع نہ ڪرڻ گهرجي نقصان جو خطرو آهي، سفر ڪرڻ کان بچڻ گهرجي ايڪسيڊنٽ جو انديشو آهي، شاديون نہ ڪريو، ڌيئرون نہ اتاريو، گهر برباد ٿيڻ جو امڪان آهي، اهڙا ماڻهو وڏو ڪاروباري لين دين (ڏيڻ وٺڻ) ناهن ڪندا، گهر کان ٻاهر اچ وڃ ۾ گهٽتائي ڪري ڇڏيندا آهن، ان گمان مطابق تہ آفتون نازل ٿينديون آهن، پنهنجي گهر ۾ هڪ هڪ ٿانوَ ۽ سامان کي خوب ڇنڊيندا آهن، اهڙي طرح جيڪڏهن ان مهيني ۾ ڪنهن گهر جو ڪو ڀاتي مري وڃي تہ ان کي منحوس سمجهندا آهن ۽ جيڪڏهن ان گهراڻي ۾ پنهنجي ڇوڪري يا ڇوڪريءَ جي شادي جي تاريخ طئي ٿي تہ ان کي ٽوڙي ڇڏيندا آهن.

## صفر کي منحوس سمجهڻ جهالت آهي

صدرالشريعہ حضرت علامہ مولانا مفتي محمد امجد علي اعظمي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: صفر جي مهيني کي ماڻهو منحوس سمجهندا

آهن ان ۾ شادي وهانءُ ناهن ڪندا، چوڪرين کي ناهن اتاريندا، اهڙن قسمن جي بيشمار ڪمن کان به پرهيز ڪندا آهن ۽ سفر ڪرڻ کان پاسو ڪندا آهن، خاص ڪري صفر جون ابتدائي تيرهن تاريخون تمام گهڻيون منحوس سمجهيون وينديون آهن ۽ انهن کي تيره تيزي چوندا آهن، اهي سڀ جهالت جون ڳالهيون آهن. (بهارِ شريعت حصه 16 ج3 ص659، مڪتبة المدينه)

ياد رکو! هن قسم جا نظريات سراسر شريعت جي خلاف آهن، اسان کي هن کان توبه ڪرڻ گهرجي. اسلام ۾ هرگز نه ڪو مهينو، نه ڏينهن ۽ نه ڪا تاريخ منحوس آهي بلڪ هر مهينو، ڏينهن، تاريخ الله جا پيدا ڪيل آهن ۽ الله پاڪ انهن مان ڪنهن کي منحوس ناهي بنايو. اسان کي پاڻ به انهن وهمي خيالن کان بچڻ گهرجي ۽ جيڪڏهن ڪنهن کي هنن ڳالهين ۾ مبتلا ڏسو ته ان جي اصلاح جي لاءِ ڪوشش به ڪرڻ گهرجي.

ڪريں نہ تنگ خيالاتِ بد کبھی، کر دے شعور و فکر کو پاکيزگی عطا يارب

## ”تيره تيزي“ جي شرعي حقيقت

صفرالمظفر جي پوري مهيني جي متعلق نحوست جو تصور ته عام ئي آهي خاص طور تي ان جي ابتدائي تاريخن ۾ ۽ ان مهيني جي آخري اربع جي باري ۾ به ڪيئي خلافِ شريعت ڳالهيون مشهور آهن مثال طور ابتدائي تاريخن ۾ چڻا يا ڪٽڪ اُباري نياز ڏياري ويندي آهي. مخصوص تعداد ۾ سُورۂ مُزَّمِّل جو ختم ڪرايو ويندو آهي. سمنڊ ڪناري تي اتي جون ڳوڙهيون ناهي مڇين کي ڏنيون وينديون آهن وغيره. انهن سيني ڳالهين جي پويان ماڻهن جو اهو ذهن ٻڌل هوندو آهي ته صفر ۾ جيڪي آفتون ۽ بلائون نازل

ٽين ٽيون انهن ڪمن ڪي ڪرڻ سان اهي بلائون ٽري ويندون آهن.
ياد رهي! مصيبتون ۽ آزمائشون الله پاڪ جي طرفان ايندڙيون آهن، انهن جي لاءِ ڪوئي ڏينهن يا مهينو مخصوص ناهي، جنهن جي حق ۾ جيڪا آزمائش لکجي چڪي آهي اها ان کي پهچي رهندي آهي، هاڻي چاهي صفر جو مهينو هجي يا سال جا ٻيا مهينا. اها ڳالهه به ذهن نشين رهي ته قرآن خواني يا نياز يا فاتحه ڪرڻ هڪ مستحب ڪم آهي ۽ هر طرح جي رزقِ حلال تي هر مهيني جي ڪنهن به تاريخ تي ڪنهن به وقت ڏياري سگهجي ٿي پر صرف وهم جي بنا تي اهو سمجهي وٺڻ ته جيڪڏهن تيرهن تاريخ تي ختمو نه ڏياريو ۽ چڻا پچائي نه ورهايا ته گهر جي ڪمائڻ وارن ماڻهن جو روزگار متاثر ٿيندو، اهي نظريه بي بنياد آهي.

## صفر جو آخري اربع ۽ نحوست

ابتدائي تيرهن تاريخن کان علاوه صَفَرُالْمُظَفَّر جي آخري اربع جي باري ۾ به ڪيئي غلط ڳالهيون مشهور آهن جيئن ته بهارِ شريعت ۾ آهي ته ماهِ صفر جي آخري اربع جو ڏينهن هندوستان ۾ تمام گهڻو ملهايو ويندو. ❖ ماڻهو پنهنجا ڪاروبار بند ڪري ڇڏيندا آهن. ❖ سير، تفريح ۽ شڪار واسطي نڪري ويندا آهن ❖ ترڪيل مانيون پچايون وينديون آهن ❖ وهنجندا، خوشيون ملهائيندا آهن ۽ چوندا آهن ته حضور اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم انهيءَ ڏينهن غسلِ صحت فرمايو هو ۽ مديني طيبه کان ٻاهر سير جي لاءِ نڪري ويا هئا. اهي سڀ ڳالهيون بي اصل آهن بلڪ انهن ڏينهن ۾ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو مرض وڌي ويو هو، اهي ڳالهيون خلاف واقع (ڪوڙيون) آهن ۽ ڪي ماڻهو هي چوندا آهن ته انهيءَ ڏينهن

مصيبتون نازل ٿينديون آهن ۽ طرح طرح جون ڳالهيون ڪيون وينديون آهن، سيئي بي ثبوت آهن. (بهارِشريعت، حصه۳،۶۵۹/۱۶)

اعلي حضرت امام احمد رضا خان رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه صَفَرُالۡمُظَفَّر جي آخري اربع جي باري ۾ سوال جو جواب ڏيندي فرمايو: اربع جو ڏينهن ملهائڻ محض بي بنياد و بي اصل آهي. والله اعلم (فتاوىٰ رضويه حصه 16 ج3 ص 659)

حڪيمُ الأمت حضرت مفتي احمد يار خان نعيمي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: ڪي ماڻهو صفر جي آخري چهار شنبہ (اربع جي ڏينهن) جو خوشيون ملهائندا آهن ته مَنحوس مهينو هليو ويو، اهو بہ باطل (يعني ان جي ڪا حقيقت نہ) آهي. (مراۃ المناجيح،۲۵۷/۶)

## صفر جو مهينو ۽ اسلامي تعليمات

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! هنن روايتن کي پڙهي ڪري صَفَرُالمُظَفَّر کي منحوس سمجهڻ جو وَهم دل مان نڪري ويو هوندو، جيڪڏهن ڪنهن جي دل ۽ دماغ ۾ ڪڏهن هن طرح جا وسوسا اچن ته ان کي گهرجي ته هو ان ڏانهن ڌيان نہ ڏئي بلڪ اسلامي تعليمات تي عمل ڪري.

تفسير رُوح البيان ۾ آهي: صفر وغيره ڪنهن مهيني يا مخصوص وقت کي منحوس سمجهڻ دُرست ناهي. سيئي وقت الله پاڪ جا بڻايل آهن ۽ انهن ۾ انسانن جا عمل واقع ٿيندا آهن. جنهن وقت ۾ مؤمن پانهو الله پاڪ جي اطاعت ۽ بندگي ۾ مشغول هجي اهو وقت مبارڪ آهي ۽ جنهن وقت ۾ الله پاڪ جي نافرماني ڪري،

اهو وقت ان لاءِ منحوس آهي، حقيقت ۾ اصل نحوست تہ گناهن ۾ آهي. (تفسيرروح البيان، التوبة،7 3 ص 428 بيروت)

## اصل نحوست گناہ آهي

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! معلوم ٿيو تہ ماهِ صَفَرُالمظفّر جي متعلق عوام ۾ ڦهليل غلط فهمين جو حقيقت سان پري پري تائين ڪو تعلق ناهي بلڪ اهي محض وهمي خيالات ۽ علمِ دين کان دوري جو نتيجو آهي. درحقيقت نحوست تہ گناهن ۾ آهي هاڻي چاهي اهي صفر جي مهيني ۾ ڪيا وڃن يا سال جي ڪنهن بہ مهيني ۾ انهن جو ارتڪاب ڪيو وڃي، چوتہ نحوست کي ڪنهن خاص زماني جيئن صفرالمظفر وغيره سان خاص سمجهڻ تہ بلڪل غلط آهي، سڀ زمانو الله پاڪ جو پيدا ڪيل آهي. انهيءَ ۾ ماڻهن جا افعال هوندا آهن، جيئن تہ جنهن وقت کي مؤمن ٻانهو الله پاڪ جي فرمانبرداري ۾ لڳائي اهو وقت ان جي لاءِ بابرڪت آهي ۽ جنهن وقت کي ٻانهو الله پاڪ جي نافرماني ۾ گذاري اهو ان جي لاءِ نحوست جو وقت آهي. نحوست دراصل الله پاڪ جي نافرماني ۾ آهي.(لطائف المعارف ص 83، المكتبة العصريه بيروت)

ہائے! نافرمانیاں بدکاریاں بے باکیاں
آہ! نامے میں گناہوں کی بڑی بھرمار ہے

بندہ بدکار ہوں بے حد ذلیل وخوار ہوں
مغفرت فرما الٰہی! تو بڑا غفار ہے

## صفر جي متعلق وهمي خيالن کي ڪيئن دور ڪجي؟

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! وهم ۽ بدشگوني (يعني بدفالي) ٻئي بيحد مُهلڪ امراض آهن پر ائين به ناهي ته انهن کان جان ڇڏائڻ مشڪل هجي، جيڪڏهن الله پاڪ جي ذات ۽ ان جي رحمت تي ڀروسو رکو ۽ بدشگوني جي اسباب تي غور ڪندي عِلاج شروع ڪري ڇڏيون ته هن مرض کان ڇوٽڪارو ملي سگهي ٿو، اچو! هن جي باري ۾ ڪجھ اسباب ۽ ان جا علاج ملاحظہ فرمايو: ۽ انهن تي عمل ڪرڻ جي به ڪوشش ڪيو جيئن

(1) بدفالي جو پهريون سبب اِسلامي عقائد کان لاعِلمي آهي. هن جو عِلاج اهو آهي ته الله پاڪ جي لکيل تقدير تي اعتماد رکندي اهو ذهن ٺاهيو ته هر ڀلائي، بُرائي الله پاڪ پنهنجي علمِ ازلي جي موافق مقدّر فرمائي ڇڏي آهي. جيئن ٿيڻ وارو ۽ جيڪو جيئن ڪرڻ وارو هو، پنهنجي علم سان ڄاتو ۽ اهو ئي لکي ڇڏيو. هاڻي جيڪڏهن ماهِ صفر يا ڪنهن ٻه ڏينهن يا مهيني ۾ ڪا مصيبت ايندي ته اسان جو پهريان کان ذهن ٺهيل هوندو ته اها مصيبت و پريشاني منهنجي تقدير ۾ لکيل هئي نه وري ڪنهن شيءِ جي نحوست جي ڪري ائين ٿيو آهي.

(2) بدفالي جو ٻيون سبب توڪُّل يعني الله پاڪ جي ذات تي ڪامل ڀروسو نه هئڻ به آهي. هن جو علاج اهو آهي ته جڏهن دل ۾ ڪنهن شيء جي باري ۾ ڪو وهم پيدا ٿئي ته ربّ ڪريم تي توڪُّل ڪيو. اِنّ شاءالله اهو خيال دل مان ويندو رهندو.

(3) بدفالي جو ٽيون سبب هن جي هلاڪتن ۽ نقصانن کان بي خبر هئڻ آهي جو ٻانهو جڏهن ڪنهن شيء جي نقصانن کان ئي خبروار

ناهي ته انهن کان ڪيئن بچندو؟ ان جو علاج اِهو آهي ته احاديثِ مبارڪ ۽ اقوالِ بزرگانِ دين جي روشني ۾ بدفالي جي هلاڪتن ۽ نقصانن جو مطالعو ڪيو ۽ انهن تي غور ڪندي انهن کان بچڻ جي ڪوشش به ڪيو.

(4) بدفالي جو چوٿون سبب نيڪ فال (چڱي فال) اختيار نه ڪرڻ يا نيڪ فال اختيار ڪرڻ ۾ توجهه نه ڏيڻ ۽ ان جي بنيادي معلومات نه هئڻ به آهي. بري فال تي عمل ڪرڻ سان جيئن ته شريعت روڪي ٿي ۽ نيڪ فال تي عمل ڪرڻ شرعي طور مستحب آهي. پوءِ بري فال کان بچڻ جي لاءِ نيڪ فال تي عمل ڪرڻ جي عادت بڻائي وڃي.

بدفالي دور ڪرڻ جو هڪ طريقو ذڪر و اذڪار ۽ وظائف جي ڪثرت به آهي. هن جو علاج ٻڌائيندي اعليٰ حضرت، امام اهلسنت مولانا شاهه امام احمد رضا خان رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه ارشاد فرمائن: هن قسم (يعني بدفالي) جا وسوسا جڏهن به پيدا ٿين انهن وسوسن کي دور ڪرڻ لاءِ قرآن ڪريم ۽ حديث شريف مان چند مختصر پر گهڻو فائدو ڏيندڙ دعائون لکان ٿو، انهن کي هڪ هڪ ڀيرو چاهيو ته هڪ کان وڌيڪ ڀيرا توهان ۽ توهان جا گهروارا پڙهي وٺن. جيڪڏهن دل پختو ٿي وڃي ۽ اهو وهم ويندو رهي ته بهتر نه ته جڏهن اهو وسوسو اچي ته هڪ هڪ ڀيرو پڙهي وٺو ۽ يقين ڪيو ته الله ۽ رسول جو واعدو سچو آهي ۽ شيطان ملعون جو ڊيڄارڻ ڪوڙو آهي. ڪجهه ڀيرا پڙهڻ سان بعونه تعاليٰ (يعني الله پاڪ جي مدد سان) اهو وهم بلڪل ختم ٿي ويندو ۽ اصلاً (بلڪل) ڪڏهن به ان کي ڪو نقصان نه پهچندو. اهي دعائون هي آهن:

(1) حَسۡبُنَا اللّٰهُ وَ نِعۡمَ الۡوَکِیۡلُ ﴿۱۷۳﴾ ترجمو ڪنزالايمان: الله اسان کي ڪافي آهي ۽ ڪهڙو نه سنو ڪارساز آهي. (پ4، آل عمران:173)

(2) اَللّٰھُمَّ لَاطَیْرَ اِلَّا طَیْرُکَ، وَلَا خَیْرَ اِلَّا خَیْرُکَ، وَلَا اِلٰہَ غَیْرُکَ (يعني: اي الله! ناهي ڪا برائي پر تنهنجي طرفان ۽ ناهي ڪا ڀلائي پر تنهنجي طرفان ۽ تو کان سواءِ ڪو معبود ناهي) (فتاوٰي رضويه،۶۴۱/۲۹ مختصراً)

## ڪتاب ”بدشگوني“ جو تعارف

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! بدشگوني (بدفالي) جي متعلق معلومات حاصل ڪرڻ ۽ ان موذي مرض کان ڇوٽڪارو ماڻڻ جي لاءِ مڪتبة المدينہ جي 126 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”بدشگوني“ جو مطالعو ڪيو. الله پاڪ توفيق ڏئي ته زهي نصيب! گهٽ ۾ گهٽ 12 عدد حاصل ڪري تقسيم به ڪيو. دعوتِ اسلامي جي ويب سائٽ www.dawateislami.net تان هن ڪتاب کي پڙهي به سگهجي ٿو، ڊائون لوڊ ۽ پرنٽ آئوٽ به ڪري سگهجي ٿو.

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

## صفر جي مهيني ۾ پيش ايندڙ ڪجهہ تاريخي واقعات

❖ صَفَرُالْمُظَفَّر جي پهرين هجري ۾ حضرت اميرُ المؤمنين حضرت علي رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ ۽ خاتونِ جنت حضرت فاطمہ زهره رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہا جي شادي خانہ آبادي ٿي. (الکامل في التاريخ، ۱۲/۲) ❖ صَفَرُالْمُظَفَّر جي مهيني ۾ مسلمانن کي فتح خيبر نصيب ٿي. (البداية والنهاية،۳/ ۳۹۲) ❖ سَيفُ الله حضرت خالد بن وليد، حضرت عمرو بن عاص ۽ حضرت عثمان بن طلحہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُم صَفَرُالْمُظَفَّر 8

هجري ۾ بارگاهِ رسالت ۾ حاضر ٿي اسلام قبول ڪيو. (الكامل في التاريخ،٢/١٠٩) ❖ مدائن (جنهن ۾ ڪسريٰ جو محل هو) جي فتح صَفَرُالْمُظَفَّر سورهن هجري ئي جي مهيني ٿي. (الكامل في التاريخ،٢/٣٥٧)

”ڇا هاڻي به توهان صفر کي منحوس سمجهندؤ؟ هرگز نه!“

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## ام عطار

اميراهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي امڙ سائڻ هڪ نيڪ ۽ پرهيزگار عورت هئي. اميراهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي وڏي ياءُ جي وفات کان ٿوري ئي عرصي بعد 17 صفرالمظفر1398ھ ۾ سندس پياري امڙ سائڻ جو انتقال ٿيو. اميراهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه فرمائن ٿا ته امڙ سائڻ جو جمعرات تي وصال ٿيو. اَلْحَمْدُ لِلّٰه ! ڪلمه طيبه ۽ استغفار پڙهڻ کان پوءِ زبان بند ٿي. غسل ڏيڻ کان پوءِ چهرو نهايت روشن ٿي ويو هو. زمين جي جنهن حصي تي روح قبض ٿيو، اُتي ڪيئي ڏينهن تائين خوشبو ايندي رهي ۽ خاص طور رات جي ان حصي ۾ جنهن ۾ انتقال ٿيو هو. طرح طرح جون خوشبون اچي رهيون هيون. مون ٽئي واري ڏينهن صبح جي وقت ڪجهه گلاب جا گل ڪٽي پنهنجي هٿن سان امڙ سائڻ جي قبر تي رکيا جيڪي شام تائين تروتازه رهيا. يقين ڪيو! انهن مان اهڙي ته مهڪ اچي رهي هئي جو مون ڪڏهن گلاب جي گلن ۾ به اهڙي خوشبو نه سونگهي هئي

نہ اچ تائين سونگھي آھي بلڪ ڪلاڪن جا ڪلاڪ اھا خوشبو منھنجي ھٿن مان ايندي رھي.

اميراھلسنت دَامَتْ بَرَکَاتُھُمُ الْعَالِيَه وڏيڪ فرمائن ٿا تہ اھو سڀ پياري آقا صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي غلامي جو صدقو آھي، جنھن تي بہ سرڪارِ مدينہ صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پياري پياري نظرِ ڪرم ٿي ويندي آھي، اھو ظاھري و باطني خوشبوئن سان مھڪڻ لڳندو آھي ۽ پوءِ ان جي خوشبو سان ھڪ عالَم مھڪڻ لڳندو آھي.

چاہے خدا تو پائیں گے عشقِ نبی میں خلد　　نکلی ہے نامہ دِل پر خوں میں فالِ گل

اَلْحَمْدُ لِلّٰه! اميراھلسنت دَامَتْ بَرَکَاتُھُمُ الْعَالِيَه جي امڙ سائڻ (رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهَا) تي الله ڪريم جو ڪيترو نہ ڪرم آھي جو ان جي وفات ڪلمہ طيبہ ۽ استغفار پڙھڻ ڪان پوءِ ٿي. الله پاڪ جي آخري نبي محمد عربي صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عظمت نشان آھي:"جنھن جو آخري ڪلام لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللهُ (يعني ڪلمہ طيبہ) ھجي، اھو جنت ۾ داخل ٿيندو." (ابوداؤد ج 3 ص 255 حديث:3116، داراحياءالتراث العربي بيروت)

ان کی تربت پہ بارش ہو انوار کی　　مولا رتبہ بڑھا امّ عطار کا

تیرا گھر خدمتِ دیں کا مرکز بنا　　ہم پہ احسان ہے تیرے عطار کا

الله رب العزت جي ان تي رحمت ھجي ۽ ان جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي. اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

